مختيار ملاح

# ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جو سنڌي ٻوليءَ جي ٻُڻ بنياد بابت نظريو


### *Abstract:*

*Captain George Stack (1819-1853) was truly devotee to Sindhi language. He was servant in East India Company and was transferred from India to Sindh in 1843. He learnt Sanskrit, Hindi, Marathi, Gujrati languages in India. In 1843, he was posted as Deputy Collector and Deputy Magistrate of Hyderabad with the additional charge of Jagir khata (department). He worked for 5 years in Sindh and laid his life for working on Sindhi language. Even Richard Burton was appeared before him for the examination of Sindhi and Punjabi languages. Captain George Stack was first European scholar who preferred Dewnagri character for Sindhi language. He gave a clear opinion about the origin of Sindhi language that it was originated from Sanskrit. On the basis of his opinion, he recommended Khudawadi script for writing system of Sindhi. He wrote following books in Sindhi:*

*English and Sindhi Dictionary (1849)*
*Grammar of Sindhi Language (1849)*
*Sindhi Translation of Bible (1850)*
*Sindhi and English Dictionary (1855)*

*Captain George Stack recorded 05 Sindhi folktales in Dewnagri script and reportedly he had also started compilation of Shah jo Risalo in Devanagri script, but it could not completed due to his immediate death . Bartle Frere had rightly remarked at his death with these words:"Captain Stack whose life had been shortened by his incessant labour both in Jagir department and in Sindhi Philology".*


**سنڌي** ٻوليءَ جي ٻڻ بنياد بابت ٻـ هيل تائين ڪافي تحقيق ٿي آهي پر جيڪو ڪجھ ٻـ لکيو ويو آهي اهو گھڻو ڪري ان جي اصليت بابت آهي تہ سنڌي ٻولي آريائي آهي يا غير آريائي يا وري تورانِي نسل مان آهي. هن وقت تائين سنڌي ٻوليءَ جي ٻڻ ٻڻياد بابت ڪيترائي نظريا پيش ڪيا ويا آهن، پر ماهر/عالم ڪنهن هڪ نظرئي تي متفق نہ ٿي سگھيا آهن. پر انهن عالمن جي نظرين مان چار نظريا وڏيڪ اهميت رکن ٿا. جن جو هيٺ ذڪر ڏجي ٿو:

سنڌي ٻولي سنسڪرت مان ڄائي آهي .(اسٽئڪ، ڀيرومل، جي رام داس ۽ ٻيا ڪيترائي)

قديم سنڌي تمدن جي ٻولي ٻـ ڪا غير آريائي ساسامي صفت ٻولي هئي.(ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)





سنڌي ٻولي ڪنهن ٻوليءَ جي پراڪرت نہ، پر هڪ اصلوڪي بنيادي ٻولي آهي.(سراج)

سنڌي زبان سنڌو ماٿر جي قديم سنڌو تهذيب ۾ رائج 'سَئنڌوئي' جي هڪ صورت آهي.(ڊاڪٽر غلام علي الانا)

سنڌي ٻوليءَ جي ٻڻ بنياد تي سڀ کان پهرين انگريز عملدارن رايا ڏنا، جيڪي سياسي مقصدن سان اڻويهين صديءَ ۾ سنڌ جو سير ۽ سفر ڪري ڊائريون، رپورٽون، سفرناما ۽ لغتون تيار ڪري رهيا هئا.سنڌي ٻوليءَ جي ٻڻ ٻڻياد جي سلسلي ۾ اڪثر انگريز عملدارن ساڳيو رايو ڏيندي لکيو آهي تہ: ”سنڌي ٻولي، سنسڪرت جي شاخ آهي سڌو سنئون سنسڪرت مان ڄائي آهيۓ ان لحاظ کان سنڌي زبان هند آريائي ٻولين سان واسطو رکي ٿي“. ان کان پوءِ هندو عالمن ان راءِ کي نظرين جو روپ ڏئي وڌيڪ تحقيق ڪئي ۽ ڪتاب شايع ڪرايا. اڳتي هلي سنڌ جي مسلمان عالمن سنسڪرت واري نظرئي کي رد ڪري ٻيا نظريا پيش ڪيا آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي ٻڻ بنياد ۽ رسم الخط جي بنياد کي اڻويهين صديءَ ۾ باقاعدي انگريز عملدارن بحث هيٺ آندو. ان سلسلي ۾ جيمس ميڪمرڊو جو نالو اچي ٿو، هن ١٨١٢ع ۾ سنڌ جو سفر ڪيو، هو صاحب پنهنجي رپورٽ Mc Murdo Account of Sindh ۾ لکي ٿو تہ: ”سنڌ جي ٻولي لکت واري آهي ۽ ان جو هڪ مخصوص رسم الخط آهي. اهو خط ڪاٻي کان ساڄي هٿ لکيو ويندو آهي ۽ هندو ٻڻ بنياد جو آهي، اهو خط بلڪل سادن اکرن جو ٺهيل آهي، جيڪي هڪ ٻئي ۾ سولائي سان رلي ملي وڃن ٿا.“(١)

وليم هينري واٿين (وفات ٢٨ جون ١٨٦٦) مشرقي ٻولين ۾ ڪافي دلچسپي رکندو هو. هينري واٿين جو سنڌ لاءِ وڏو ڪارنامو اهو آهي تہ هن سنڌي زبان جو گرامر (Grammar of Sindhi Language) لکيو، سندس ڪتاب ١٨٣٦ع ۾ شايع ٿيو. ڪتاب جي آخر ۾ هن 'سنڌي – انگريزي' ۽ 'انگريزي – سنڌي' لفظن جي لغت پڻ ڏني، جنهن ۾ اٽڪل ٽي هزار لفظ ڏنا. هن ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ٻڻ بنياد تي ٻـ رايو ڏيندي لکيو اٿس تہ: ”سنڌي ٻولي سڄي صوبي ۾ ڳالهائي ويندي آهي، ۽ اها اتر ۾ بهاول خان (بهاول پور)، ڏهراج ۽ ملتان، اولهہ ۾ ڪڇ تائين ٿوري گھڻي فرق سان ڳالهائي ۽ سمجهي ويندي آهي. لڳي ٿو تہ اها ٻولي سنسڪرت مان نڪتل آهي، ٿي سگھي ٿو تہ ان جو تعلق پالي سان نڪري اچي. اها ٻولي هندستان جي ڪيترن ٻولين سان هڪجڙائي رکي ٿي ، ان ڪري جو انهن جو ٻڻ بنياد هڪ آهي.“(٢)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

وليم هينري واٽين کان پوءِ، جميس پرنسيپ (١٧٩٩-١٨٤٠) اهو انگريز عملدار ، جنهن سنڌي ٻوليءَ ۾ دلچسپي ورتي. ١٨٣٢ع ۾ هو ايشيائي سوسائٽي (Asiatic Society) جو سيڪريٽري مقرر ٿيو، هن هڪ جرنل جاري ڪيو. هندستان ۾ ڪم ڪندڙ عملدارن کي گذارش ڪيائين ته مختلف صوبن جي گرامرن، رسم الخطن ۽ جهونن آثارن تي تحقيق ڪرائي ڪيس موڪلين. جيمس پرنيسپ برهمي رسم الخط جو وڏو محقق هو. هن ٽالپرن جي آخري دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس شروع ڪيو. هن سنڌي ٻوليءَ جو گرامر (Grammar of Sindhi Language) لکيو. جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد تي ويچار ڏنا ۽ سنڌي رسم الخط تي به پنهنجي راءِ ڏني. مسٽر جيمس پرنيسپ ڪمزور دليلن جي آڌار تي سنڌي کي مارواڙي زبان سان ڳنڍيو ۽ سنڌي کي بنگالي ۽ تامل ٻولين جي سٽ ۾ آڻي بيهاريو. هن پنهنجي دليلن جي آڌار تي سنڌي لاءِ برهمي/ ديوناگري رسم الخط بهترين ڄاتو. رچرڊ برٽن پنهنجي ڪتاب ۾ جيمس پرنسيپ جي رايي/دليلن کي رد ڪندي چيو آهي ته "مانوارو پرنسيپ انهيءَ ڳالهه ۾ غلط آهي ته سنڌي مارواڙيءَ جي بگڙيل صورت آهي."(٣)

هڪ ٻئي عملدار ٿامس پوسٽنس سنڌ ۾ فوجي خدمتون سرانجام ڏنيون هيون. سندس ڪتاب 'Personal Observation of Sindh' سنڌ جي تاريخ بابت اهم دستاويز آهي. هو لکي ٿو ته: "سنڌي ٻولي هندي نسل جي آهي، جيڪا سنسڪرت مان نڪتل آهي، ۽ اها گجرات جي وادين تائين ڳالهائي وڃي ٿي. ان کي هڪ مخصوص رسم الخط آهي، جنهن کي 'خدا وادي' چيو ويندو آهي. سمورا هندو پنهنجو حساب ڪتاب ۽ لکت ان خط ۾ ڪندا آهن. جڏهن ته عدالتي زبان فارسي آهي."(٤) اهڙي طرح جرمن عملدار ڪئپٽن ليوپولڊ وون آرلچ ١٨٤٢ع ۾ سنڌ جو سفر ڪيو هو. سندس سفرنامو "Travels in India Including Sindh and the Punjab" ١٨٤٥ع ۾ شايع ٿيو. هن سنڌ ۾ هلندڙ رسم الخط لاءِ لکيو آهي ته: "سنڌ جي زبان، تحرير ۽ بيان باقي هندستان جي ٻولين ۽ لکت کان گهڻو مختلف آهن، بلڪ حڪمران ۽ عوام ان زبان کان اڪثر واقف نه آهن. ان رسم الخط کي 'خدا وادي' چوندا آهن، جيڪا گهڻو ڪري واپاري استعمال ڪندا آهن."(٥)

مٿي ذڪر ڪيل انگريز عملدارن جا سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ رايا انتهائي مختصر ۽ دليلن کان خالي هئا. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ پنهنجي گرامر جي ڪتاب ،





انگريزي سنڌي ڊڪشنري ۽ سنڌي صورتخطي جي سلسلي ۾ ٢٨ آگسٽ ١٨٤٨ع ۾ جمع ڪرايل رپورٽ ۾ تفصيل سان بحث ڪيو آهي. هن سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ هڪ چٽو ۽ واضع موقف پيش ڪيو.

جارج بيگٽ اسٽئڪ جو جنم ٢٦ جنوري ١٨١٩ع ۾ ريونڊ ايڊورڊ اسٽئڪ جي گهر ۾ آئرلينڊ ۾ ٿيو. شروعاتي تعليم پنهنجي شهر مان حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ ٽرينٽي ڪاليج ڊبلن مان وڌيڪ تعليم حاصل ڪيائين."(٦) ١٨٣٨ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي فوج ۾ شموليت اختيار ڪري هندستان آيو. هن سنسڪرت، مرهٽي، گجراتي ۽ هندي ٻولين جا امتحان پاس ڪري ورتا. ١٨٤٣ع ۾ سندس بدلي سنڌ ۾ ٿي. ٿوري عرصي ۾ ڪيس حيدرآباد جو ڊپٽي ڪيلڪٽر مقرر ٿيو.

جارج اسٽئڪ سنڌ ۾ اچڻ سان سنڌي ٻولي سکڻ شروع ڪئي. هي اهو دور هو، جنهن ۾ هڪ ڊگهي عرصي کان فارسي سرڪاري ٻولي طور رائج هئي. سنڌي ماڻهو فارسي لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا. عام عالم سنڌي ٻولي سکڻ ۽ ان کي لکڻ ۾ شرم محسوس ڪندا هئا. جڏهن ڪئپٽن جارج اسٽئڪ سنڌي گرامر لکڻ جي شروعات ڪئي ته ڪيس انتهائي مايوسي ٿي، ڇاڪاڻ ته سنڌي ماڻهو، سنڌي لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ دلچسپي به رکندا هئا، ان ڏس ۾ ڪئپٽن اسٽئڪ لکيو آهي ته: "مون کي هن وقت تائين ڪو به اهڙو سنڌي نه گڏيو آهي، جنهن مون کي گرامر پڙهايو ۽ سيکاريو هجي، پر هو باقاعدگيءَ سان پنهنجي ٻولي گرامر جي قاعدن پٽاندڙ ڳالهائين ٿا. ڪو به اهڙو سنڌي ماڻهو نه مليو آهي، جنهن سان سنڌي گرامر بابت بحث ڪري سگهجي. سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق هڪ وڏي نفرت ۽ بغض سان ڪئي وئي، خاص ڪري تعليمي ۽ ادبي لحاظ کان."(٧) ڪئپٽن جارج اسٽئڪ هڪ ٻئي جاءِ تي لکي ٿو ته : سنڌ جي ماڻهن سنڌي ٻوليءَ جي اڀياس کي هميشه ناپسند ٿي ڪيو، خاص طور تي اهي جيڪي پڙهيل هئڻ جي دعويٰ ڪري رهيا هئا. ڇاٽو سنڌي عربي ۽ فارسي ۾ لکي ۽ پڙهي سگهن ٿا ۽ هندو فارسي، پنجابي ۽ هندي ۾ جيڪا سندن مادري ٻولي (سنڌي) هئي، ان کي هو مسخرن لاءِ مناسب ٻولي سمجهي رهيا هئا. پر مون کي خاطري آهي ته ماهر لسانيات وٽ سنڌي ٻولي، هندستان جي ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ اهم ثابت ٿيندي."(٨)

اسٽئڪ، سنڌي ٻوليءَ جو گرامر ۽ ڊڪشنرين لکڻ لاءِ ديوناگري لپي استعمال ڪئي. سنڌ جي ان وقت جي ڪمشنر، سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪو هڪ رسم الخط



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اختيار ڪرڻ واري معاملي ۾ به ڄڏهن ڪيپٽن اسٽئڪ کان سندس راءِ معلوم ڪئي ته هن ديوناگريءَ جي پنيرائي ۾ پنهنجي راءِ ڏني. ان ڪم لاءِ اسٽئڪ ديوناگري پٽي ۾ ڪجھ نقطن وسيلي خاص سنڌي آوازن لاءِ اکر مقرر ڪيا. "ڪيپٽن اسٽئڪ جي جوڙيل ديوناگري لپيءَ ۾ عربي، فارسيءَ جي ڪن جدا جدا آوازن جي حرفن لاءِ ديوناگري سنڌيءَ ۾ صرف هڪ حرف ڪتب آندو، جنهن ڪري ڪافي مونجهارو پڻ پيدا ٿيو. مثال طور ق- ڪ لاءِ ڪهز، ض، ظ ۽ ج لاءِ س، ص ث لاءِ س- ع، ا لاءِ ا. ه ۽ ح لاءِ هه. ت، ط لاءِ ت. غ، گ لاءِ گ. خ، ڪ لاءِ ڪ ق، ف لاءِ ق جا اکر تجويز ڪيا آهن."(٩)

اسٽئڪ، سنڌي ٻوليءَ جي ڏکيائيءَ جو ذڪري ڪندي لکيو آهي ته: "اهو مشاهدو ڪيو ويو آهي ته ٻين ٻولين وانگر سنڌي ٻوليءَ ۾ به ٻين ٻولين جا ڪيترائي لفظ موجود آهن، جن ۾ خاص ڪري فارسي، عربي، سنسڪرت جا گهڻا لفظ شامل ٿي ويا آهن، جن جي ڪري ڪنهن به ليکڪ کي لکڻ ۽ سکڻ جي ڪم ۾ ڪافي ڏکيائين ۽ مونجهارن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. جيڪي ڏکيائيون ۽ مونجهارا مون سان پيش آيا، اهي هيٺ ڏجن ٿا:

١. سنڌي ٻولي جا اهي لفظ جيڪي لاڙي (هيٺائين سنڌ) ۾ استعمال ٿين ٿا، اهي لفظ سرو سنڌ (اترئين سنڌ) جا سنڌي نه ٿا سمجهن، اهو مسئلو سچي سنڌ جي ماڻهن سان پيش اچي ٿو.

٢. سنڌ پرڳڻي ۾ وري طبقاتي لفظ پڻ استعمال ڪيا وڃن ٿا، جيئن هندو سنسڪرت جا لفظ استعمال ڪن ٿا، مسلمان انهن لفظن کان مڪمل طور تي بي خبر آهن ۽ وري مسلمان جيڪي عربي ۽ فارسيءَ جا لفظ ڪتب آڻين ٿا، هندو انهن کان بلڪل اڻ ڄاڻ آهن."(١٠)

سنڌي ٻوليءَ ڪي ڏکيائين هوندي به، ان جي دلچسپيءَ جو ذڪري ڪندي جارج اسٽئڪ لکيو آهي ته: "لسانيات جي ماهرن لاءِ سنڌي ٻولي، هند جي ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ ڏاڍي دلچسپ ثابت ٿيندي. خاص طور ضميري پڇاڙين، ٻٽن فعلن، حرف جر وغيره جو اڀياس وٽندڙ ثابت ٿيندو ۽ سنڌي ٻولي هند جي ٻين ٻولين کان نرالي ڏسڻ ۾ ايندي."(١١)

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ سنڌي ٻوليءَ جو ڪيتريون خوبيون بيان ڪيون آهن. سنڌي ٻوليءَ جي شاهوڪاريءَ جي سلسلي ۾ لکي ٿو ته: "سنڌي ٻولي ايتري ته





شاهوڪار ٻولي آهي ، جو هي ڪنهن به مخصوص حد بندين جي قبوليت کان ٻاهر آهي، ۽ سندس اها پڻ خوبي آهي ته هيءَ ٻولي پنهنجا لفظ ۽ لهجا ڪنهن گهٽ ادبي ۽ علمي اظهار لاءِ استعمال لاءِ نه ڏيندي آهي. مثال طور جيڪڏهن ٻين ٻولين جا لفظ سنڌي ٻوليءَ سان ملائبا يا ڳنڍبا ته اصل نيٽ سنڌي لفظ انهن ٻين لفظن کي قبول نه ڪندا ۽ ڏاري ٻوليءَ جا لفظ ٻنهه نمايان ٿي نظر ايندا. ان ڪري اهو فضول ۽ اجايو ٿيندو جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪنهن ٻي ڏاري ٻوليءَ جا لفظ ٽاڪيا وڃن."(١٢)

ڪيپٽن جارج اسٽئڪ سنڌي ٻوليءَ جي لهجن جو به جائزو ورتو آهي. هو لکي ٿو ته: سنڌي ٻوليءَ جا پنج لهجا آهن، جن مان ٽي لهجا : ٽري، رڻ ڪڇ ۽ اولهائو علائقو - اهي ٽئي لهجا سموري سنڌ کان نرالا ۽ مختلف آهن، جڏهن ته باقي ٻيا ٻه لهجا لاڙ (ڏاکڻون حصو) ۽ سرو (اتر) ۾ ساڳيا لهجا آهن، انهن ٻنهي علائقن جو لهجو ايترو ڏکيو نه آهي، جيترو ٽر ۽ رڻ ڪڇ وارن جو آهي. انهن ٻنهي علائقائي لهجن ۾ ايترو خاص فرق به نه آهي، جيئن ڪنائي ۽ دکن مرهٽا ۾ ايترو فرق نه آهي، انهن ٻنهي لهجن جو پاڻ ۾ لاڳاپو ۽ ڳانڍاپو ضروري آهي، جيئن اسين (انگريز) پنهنجي مادري زبان (انگريزي) جي ويجهڙائپ انگليند ۽ يورپ جي ٻين ملڪن ۾ ڏسندا آهيون، تيئن انگريزي زبان ساڳي آهي پر سندن لهجو الڳ الڳ هوندو آهي، ان ڪري واپار، لکڻ پڙهڻ ۾ ايتري ڏکيائي ڪا نه ٿيندي آهي."(١٣)

ڪيپٽن جارج اسٽئڪ مطابق سنڌي جو لاڳاپو ، ٻين ٻولين جي مقابلي ۾ پراڪرت ٻولين سان وڌيڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن ۾ انهن ٻولين جا آڳاٽا ۽ قديمي نشان ۽ آثار اجا ڀهگهٽي پاڳي موجود آهن . هن عالم واضح طور چيو ته: "سنڌي ٻولي هڪ اِندو- آريائي زبان آهي، جنهن جو مول سنسڪرت ۾ آهي. اِنهيءَ ڪري اُن کي ديوناگري اکرن ۾ گهربل سڌارا ڪري، اُن لپيءَ ۾ ٿي لکڻ بهتر آهي."(١٤)

هن طبقاتي طور سنڌي ٻوليءَ جي استعمال لاءِ لکيو آهي ته:" سنڌ پرڳڻي ۾ وري طبقاتي لفظ پڻ استعمال ڪيا وڃن ٿا. هندو جيئن ته سنسڪرت جا لفظ استعمال ڪن ٿا جن کان مسلمان مڪمل طور تي بي خبر ۽ اڻ ڄاڻ آهن ۽ وري مسلمان جيڪي عربي ۽ فارسي لفظ استعمال ڪن ٿا، هندو انهن کان بلڪل بي خبر آهن."(١٥) هو سنڌي ٻوليءَ جي رسم الخط واري حصي ۾ لکي ٿو ته: "مون کي به لپيون: گرمکي ۽ ديوناگري پسند آهن، گرمکي جي خوبي اها آهي ته ديوناگري جي ڀيٽ ۾ اها سنڌي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٻوليءَ ڪي وڏيڪ ويجهي آهي، جڏهن ته ديوناگري سنڌ جا هندو وڏيڪ ڄاڻن ٿا. گرمکي ان ڪري پسند آهي جو يورپي ماڻهو ٻه ان مان واقف آهن. ٻيو ته سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد سنسڪرت ٻولي آهي.“(١٦)

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ نه فقط سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ڪيو هو پر هن سنڌي رسم الخط ڪي سمجهڻ لاءِ سنڌ ۾ مروج سترهن لپين جو اڀياس ڪيو ۽ انهن جو گڏيل چارٽ جوڙيائين. سندس ٺاهيل چارٽن ۾ ’رومن‘، ’ديوناگري‘، ’گرمکي‘، خداوادي‘، ’شڪارپوري‘، ’ساڪرو‘، ’لوهاڻڪي‘، ’ڀاٽيا‘، ’لاڙائي‘، ’ونگائي‘، ’راجائي ’حيدرآبادي‘، ’ٺٽائي‘، ’پنجابي‘، ’ميمڻڪي‘، ’سيوهاڻي‘ وغيره شامل آهن. هن سنڌي ٻوليءَ لاءِ لپيءَ جي چونڊ جي باري ۾ لکيو آهي ته: ”سو منهنجي چونڊ ديوناگري ۽ گرمکي تي اچي بيٺي. جيتوڻيڪ ديوناگري جي ڀيٽ ۾ گرمکي وڌيڪ سنڌي لفظن جي ويجهي ٿي ڏسجي پر مان ديوناگري تي اعتماد ڪيو ڇاڪاڻ ته ان جي آئويٽا سان يوروپي ڀلي ڀت ڄاڻ رکندڙ آهن ۽ ان علاوه سنڌي سنسڪرت توڙي پراڪرت جي سڪيلڏي ڏيءَ هئڻ سبب ديوناگري بهتر رهندي“. هو وڌيڪ لکي ٿو ته: ”منهنجي خيال ۾ سنڌي ٻولي ڪي پنهنجو هڪ لکت جو سرشتو آهي، جيڪو ڪيترن ئي سالن کان ٻوليءَ جي لکت لاءِ ڪنهن نه ڪنهن پهلوءَ جي اظهار جو ذريعو آهي. جيتوڻيڪ ان جو تعليم ۽ ادب ۾ ڪارج انتهائي محدود آهي، سنڌي ٻوليءَ مٿان ڌاريي ملڪ جي لکت جو نظام مڙهڻ نه گهرجن. خدا وادي، ديوناگري سٺ واري لکتن مان آهي، ان ڪي ان ڪري ٻه اپنائڻ گهرجي ڇو ته هڪ ته انگريز عملدار ان لپيءَ مان اڳ ئي واقف آهن ۽ ٻيو ته سنڌي ٻولي جو بنيادي لکت جو طريقو ان ۾ درست نموني لکي سگهجي ٿو.“(١٧)

سنڌي ٻوليءَ جو گرامر، جنهن جي آخر ۾ هن پنج آکاڻيون شامل ڪيون، جيڪي ديوناگري لپي ۾ آهن. هن صاحب عيسائين جي مقدس ڪتاب گاسپل آف سينٽ ميٿيوز (Gospel of Saint Mathews) جو سنڌي ۾ ترجمو ديوناگري لپي ۾ ڪيو هو. نئين تحقيق موجب شاهه عبد الطيف ڀٽائي جو سڀ کان اول ڪلام ڪيپٽن جارج اسٽئڪ گڏ ڪيو هو. جيڪڏهن اها تحقيق صحيح آهي ته ضرور هن ان ڪلام ڪي ديوناگري لپي ۾ لکيو هوندو، ڇاڪاڻ ته سندس سڀئي ڪتاب ديوناگري لپيءَ ۾ ئي لکيل آهن. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ ٩ ڊسمبر ١٨٥٣ع تي ڪراچيءَ ۾ لاڏاڻو ڪري ويو هو. هن وفات کان اڳ وصيت ڪئي هئي ته سندس تيار ڪيل لغت ’سنڌي انگريزي ڊڪشنري‘ هر حال ۾ ديوناگري لپي ۾ ئي شايع ڪرائي وڃي. سندس خيال موجب





سنڌي جو لاڳاپو، ٻين ٻولين جي مقابلي ۾ پراڪرت ٻولين سان وڌيڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن ۾ انهن ٻولين جا آڳاٽا ۽ قديمي نشان ۽ آثار اڄا ٻه گهڻي ڀاڱي موجود آهن. هن لغتن ۾ سنسڪرت ، پالي ۽ پراڪرت جا جهونا سنڌي لفظ شامل ڪيا. هن سنڌ ۾ مروج چوڏهن سنسڪرتي لپين جو چارٽ ٺاهي جائزو ورتو. مطلب ته جارج اسٽئڪ مڪمل طور سنسڪرت جي اثر هيٺ سنڌي ٻوليءَ جو جائزو ورتو آهي. جارج اسٽئڪ جي حوالن ۽ ڪتابن ڪي سامهون رکي ڪيترن ئي هندو عالمن، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد ڪي سنسڪرت ۾ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي.

## حوالا


1. Mc. Murdo’s Account of Sindh (Edited by Dr. Mubarak Ali), Takhleeqat, Lahore, 1994, P-50.
2. William Hennery Wathen: “Grammar of Sindhi Language”, F.D Ramos Printers, Government Gazette Press, 1836, P-4.
3. ٣. رچرڊ برٽن، ’سنڌ ۽ سنڌي ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون‘ (مترجم: محمد حنيف صديقي)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ١٩٧١ع، ص ١٣٧.
4. Postans, Thomas: “Personal Observation of Sindh”, London, Longman, Brown, Green 1843, P-73.
5. Captain Leopold: “Travels in India Including Sindh and the Punjab”, 1845.
6. Stack Family Bible: Digest of S.P.G. Records, pp. 402, 901; Par. Beg.
7. Captain George Stack: “A Grammar of Sindhi Language”, Sindhi Language Authority, Hyderabad, 2001, (Preface) P-12.
8. Mallah, Mukhtiar Ahmed: “The Development of Sindhi Language and Script during English Period” Sindhi Language Authority, Hyderabad, 2017, P-81.
9. ٩. جيٽلي ، مرليڌر، ’اوائلي شايع ٿيل سنڌي لوڪ ڪهاڻيون‘، سنڌ تحقيقي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٩٠ع، ص ٣٧.
10. Mallah, Mukhtiar Ahmed: “The Development of Sindhi Language and Script during English Period” Sindhi Language Authority, Hyderabad, 2017, P-80.
11. Captain George Stack: “A Grammar of Sindhi Language”, Sindhi Language Authority, Hyderabad, 2001, P-11.
12. Mallah, Mukhtiar Ahmed: “The Development of Sindhi Language and Script during English Period” Sindhi Language Authority, Hyderabad, 2017, P-80.
13. ١٣. ساڳيو حوالو ،ص ٨١.
14. ١٤. ساڳيو حوالو ،ص ٨٠.
15. Captain George Stack: “English Sindhi Dictionary”, Sindhi Language Authority, Hyderabad, 2001, (Preface), P-11.
16. Mallah, Mukhtiar Ahmed: “The Development of Sindhi Language and Script during English Period” Sindhi Language Authority, Hyderabad, 2017, P-81.
17. Mallah, Mukhtiar Ahmed: The Development of Sindhi Language and Script under Early English Administration”. Sindhi Language Authority, Hyderabad, 2017, P-80-82. .




Shah Abdul Latif Bhitai Chair